
اندر جتیں اُچّ
مامتا مجیبہ

# انڊونيشيا

(سفرنامو)

ماهتاب محبوب

نيو فيلڊس پبليڪيشنس

ٽنڊو ولي محمد حيدرآباد سنڌ.

1995ع

نيو فيلڊس پبليڪيشنس جو ڪتاب نمبر هڪ سؤ پنجانوي

| | |
|---|---|
| ڇپائيندڙ | نيو فيلڊس پبليڪيشنس<br>ٽنڊو ولي محمد، حيدرآباد سنڌ. |
| ڇپيندڙ | نيو فيمس پرنٽنگ پريس،<br>هوم اسٽينڊهال چاڙهي حيدرآباد. |
| ٽائيٽل ترتيب | نسيم قاضي |
| پهريون ايڊيشن | جنوري 1981ع |
| ٻيو ايڊيشن | جولاءِ 1981ع |
| ٽيون ايڊيشن | نومبر 1982ع |
| چوٿون ايڊيشن | نومبر 1995ع |

قيمت 150/- [redacted]/- رپيا

(سڀ حق ۽ واسطا قائم)

ANDAR JINIE UNJ (Travelogue) by Mahtab Mehboob. Published by New Fields Publications, Tando Wali Mohammad, Hyderabad Sindh. Pakistan. Fourth Edition November 1995. Price Per Copy Rs. [redacted]-

Book No. 195

ساجن ڪارڻ سيج، مرقبو لي سسئي،
انـدر جهبين آج، پـاڏي اجو آن ڪي.
[شاهه]

سنگيت آچاريہ ماسترچندر،
هند جي سنڌي اديبن ۽ سڄڻن
جي نالي.
—— ماهتاب محبوب

# سنڌي ادب جو تاج محل

ماهتاب محبوب جي ڀارت ياترا کي ادبي ۽ تاريخي اهميت حاصل آهي. هن ڀارت جي دوري بابت، جيڪو سفرنامو لکيو آهي، سو رپورتيج جي فارم ۾ آهي، جيڪا عالمي ادب ۾ نئين صنف آهي. ماهتاب جو اهو سفرنامو، شخصي احساس سان گڏ، پنهنجي جاءِ تي هڪ الڳ تخليقي ۽ نهايت اعليٰ پائي جي لکڻي آهي، جيڪا اڳتي هلي سنڌي ادب جي تاريخ جو هڪ روشن دستاويز پڻ ثابت ٿيندي.

ماهتاب سان ادبي ڪچهريون ڪندي، مون اها ڳالهه شدت سان محسوس ڪئي آهي ته هوءَ جيتري سادي ۽ سڀاجهڙي آهي، اوترو ئي بيحد ذهين ۽ تيز- هر شخص کي، پنهنجي شخصيت جي گهيري ۾ بند ڪندڙ، ڳالهائڻ جي مٺي، بيباڪ، پر نهايت ئي نيڪ، بااخلاق ۽ مهذب ليکڪا آهي- نمرتا امڙي جو چوڻ: "پائي، مان ته ڪا وڏي ليکڪا ناهيان."

ماهتاب محبوب کل مک- سدائين پئي مرڪندي. اها مرڪ سندس تيز فهم جي علامت آهي- هوءَ پاڪستان مان اڪيلي هندستان آئي، ان مان سندس، اعليٰ ڪردار جي استقامت جو وڏو ثبوت ملي ٿو- هڪ مسلمان عورت، اڪيلي سر پنهنجي ملڪ کان ٻاهر نڪري، ان مان ظاهر آهي ته، پاڪستان جي عورت سماجڪ آزاديءَ جي بلندين تي پهتي آهي. اهو مثال هين سنڌي مسلمان پاڪستاني عورتن لاءِ رهبريءَ جو روشن مينار

گهٽيون ڪهاڻيون، سنڌ ۽ هند جي سطح تي تمام معياري ڪهاڻيون آهن، پر سندس ٽي ڪهاڻيون، "سربت"، "مٺي مراد" ۽ "مريم جو بت" عالمي سطح جون شاهڪار ڪهاڻيون آهن، مون کيس ٻوبرو چيو ته تو جيڪڏهن پوري زندگي ۾ اهڙيون فقط ڪجھ ڪهاڻيون ٻيون لکيون ته دنيا ۾ تنهنجو نالو روس جي چيخوف، فرانس جي موپاسان ۽ آمريڪا جي او هينري سان گڏ کنيو ويندو.

سندس ڪهاڻي "مريم جو بت" يورپ شايد سمجھي نه سگهي، پر اها ڪهاڻي هڪ عورت جي ڪردار جي لازوال ڪهاڻي آهي- ماهتاب اها ڪهاڻي لکي، اسانکي سچ پچ هڪ نئون تاج محل ڏنو آهي.

سندس عظيم فنڪار هئڻ جا ڪارڻ اهي آهن ته هوءَ پنهنجي آزمودن کي ڪنهن به مڃيل مذهبي عقيدي، سياسي فلسفي يا ادبي ويچار ڌارا ۾ بند ڪري محدود نٿي ڪري. هوءَ تخليق ۾ روز مرھ جي سادي سودي ۽ محاوريدار زبان ڪم آڻي ٿي ۽ ڪٿي به پرچار نٿي ڪري، هوءَ ماڻهوءَ جي بدن جي نس، ماس، هڏ، من، ذهن ۽ روح کي ڇهڻ جي ڪوشش ٿي ڪري، هڪ مفڪر جي حيثيت ۾ ڪٿي به نٿي ڳالهائي ان ڪري سندس تخليق سوچڻ لاءِ مجبور ٿي ڪري. هن پنهنجي تخليق خواه پارٽ جي ادبي دوري ۾ اهو ڀرم پيدا ڪرڻ جي ڪا ڪوشش نه ڪئي ته هوءَ وڏي فيلسوف يا دانشمند آهي.

ماهتاب محبوب هند جي سيني سنڌي اديبن، اديبائن، دانشمندن تعليمي ماهرن ۽ فيلسوفن سان هڪجهڙائي ۽ پنهنجائپ سان پيش آئي ۽ جڏهن هوءَ واپس وئي، تڏهن هر دل هن لاءِ رنو، پر واپس ويندي هوءَ مثل دلين ۾ جان وجهي وئي آهي. هوءَ جا اسانجي پيڻ آهي، دوست آهي، هم-وطن، همزبان ۽ همڪار آهي، شل سدائين ادب جي افق تي چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندي رهي.

سنڌي ڪهاڻي ماهتاب محبوب معرفت نهايت اوچي بلندي حاصل ڪئي آهي. هوءَ جڏهن هتي آئي هئي ته مون ڪيس سنڌي ادب جي خاتون اول ۽ ماهتاب سنڌ به سڏيو، ڇو جو هن پار جي تاريڪ سنڌي جيوت ۾، اتساهه جي چانڊوڪي ڦهلائي آهي، جا دائم قائم رهندي.

ماهتاب محبوب جو ذهن واقعي هڪ عجائب گهر، هڪ چتر شالا ۽ هڪ ڪنسيٽ آهي. مونکي فخر آهي ته هندستان جي سنڌي ادب جي پهرين رپورتيج 'اڃا رات باقي آهي' مون لکي ۽ پاڪستان جي سنڌي ادب جي پهرين رپورتيج 'اندر جنين اڃ' ماهتاب محبوب لکي آهي. ماهتاب جو هي ڪتاب، منهنجي خيال ۾ سنڌي ادب جي سفرنامي جي تاريخ ۾ هڪ نئون موڙ آهي- ڪتاب ناهي، ڪا فلم آهي، فلم ڪٿي به نه بيهي پر هن ڪتاب جو لفظ لفظ بار بار پڙهي سگهجي ٿو، جيڪو پڙهندڙن کي نه رڳو هند جي علمي، ادبي ۽ ثقافتي قدرن جي ڄاڻ ڏئي ٿو، پر انهن جي، پنهنجي مادر وطن سان پيار ۾ محبت جي ساک پڻ ڏئي ٿو- ماهتاب اهڙن جذبن کي، پنهنجي اعليٰ معياري ۽ تخليقي ڏانو سان، تاج محل جو روپ پڻ ڏنو آهي.

— موهن ڪلپنا

وسپت 11 ڊسمبر 1980

ڪيٽايون C/654
الهاس نگر انڊيا 421004
انڊيا.

”ڪاٿي ٻه ڏس،“ دل ۾ چيم. ”ٽفن نه ٽڪڻ تي ڦهڪو ڪرايانءِ ته ڪٿي ڇڏيج.“

هن ٽفن کوليو. پوءِ ڦڪو فالودو ٿي بند ڪيو. پرس ۾ پيل رومال جي ڪنڊ ۾ ڪجهه سينٽيڊ سوپاريون ٻڌل هيون. وات مچڪائيندي پڇڻ لڳو:

”هن ۾ ڇا آهي؟“

”هيروئن.“ . اڙ مان چيم، جو ان اجائي گيسر تي جڪ پئي آيا.

”ڇا؟“

”ڪجهه نه.“

پر هن ڀانيو بي خياليءَ ۾ سچي ڳالهه ڪري ويٺي آهيان— ڳنڍ کولي وري ٻه ايترو شڪي ٿيو جو هڪ هڪ سامان کي ڦولهڻ ٿي ڇڏي ڏنائين.

ٻه ادائي ڪلاڪ ڪسٽم چيڪنگ ۾ ٿي اچي ٿيا. گرمي اهڙي هجي جو ساهه ٿي منجهيو— جس هجي مسز جوهر کي جنهن ويچاريءَ پاڻهي پئي ڏراليءَ ۾ بار ڏيڻيا، جتي هڪ بيگ سندس هٿي ته ٻي منهنجي ٻه اتي ٿي ڪو پونا جو مزڪڻو پوليس آفيسر مليو جنهن ٻه پنهنجو سامان پئي چيڪ ڪرايو، مون کي اجنبي ڏسي پڇڻ لڳو:

”ڪا هيلپ؟“

”بس مهرباني.“

”هتي جا ماڻهو ٺڳ، آٽو ٽورو ڏيان سان هلجو. خاص ڪري ٽئڪسي وارا ته فارينرز کي ڏاڍو ڦريندا آهن—“

مون کي وسوسو ٿي پيو ته ڪٿي اهو پاڻ ئي نه ٺڳ هجي، پر ائين نه هو، پوءِ ٻه چيم:

”ڊونٽ ورَي.“

”جتي وڃڻو هجيو مان ڊراپ ڪري اچان.“ هن ڏاڍي

رکن- تون به ته منهنجي ڏيءُ آهين.“ هن ڳراٽڙي پائيندي چيو.
مون ضروري شيون آڻي ڪٻٽ ۾ رکيون پر چاٻيون وري
به ڪنهن کي ڏيندي چيم:
”دادي اهي پاڻ وٽ رکو. ونڪي ضرورت پئي ته اوهان
کان وٺندس.“

ماسٽر چندر ڳائڻ تقريبًا ڇڏي ڏنو آهي پر تنهن ڏينهن
سندس راڳ ٻڌڻ جو شرف حاصل ٿيو- پهريائين ته نه نه ڪندو
رهيو پر جڏهن چيم:
”ٺيڪ آهي، ڀلي نه ٻڌايو پر پوءِ مان به ڀيا عمر لاءِ
ڪاوڙجي ويندي مانو.“
ان حجت ڀري ڏمڪيءَ اثر ڪيو جو پاڻ ان دم هارمونيم
گهرائي ڪلام ڳائڻ لڳو. سندس آواز ۾ ساڳيو ئي سوز ۽ گداز
هو جنهن جوانيءَ ۾ ڪيترن ئي پرستارن کي موهي وڌو هو.
ايتري ۾ ڪلڪ جو ڪندو، پاڙن وارو ميري ڏوتي پائي ليڪا
چوڪا چڪائڻ لاءِ اچي نڪتو جنهن ڪري هن جي ڳائڻ جو موڊ ئي
ختم ٿي ويو، البت ڪچهري سا قائم رهي. هن پنهنجي لکيل
هڪ گيت جا ٻول ٻڌايا، جي هن ريت هيا:

”ڪرشن ڪارو بنسيءَ وارو
ڏسو جڳ ۾ تنهن جا نظارا
ڪارا ڪارا ڪڪر وٺن ٿا
جنهن مان وهي ٿي گنگا ڌارا
ڪاري ڪوئل ڪيئن نه وڻي ٿي
لنوڏين سريلا سُر نت نيارا.
ڪاري مس آ سين جي پياري
جنهن سان لکن ٿا خط دل وارا
ڪاريون اکڙيون ڪيئن نه وڻن

نہ ٿيندو هجي. ڪيترائي اهڙا موقعا آيا جو مون سندس فيلنگس هرٽ ٿيندي ڏٺيون، ان هوندي بہ فراخدلي، بردباري ۽ صبر جو ڀرپور ۽ بهترين ثبوت ڏيندو رهيو.

اڳاري جي تيرهين تاريخ هجي. صبح جا اٽڪل ڏهہ ڪن ٿيا هئا. اچا پنهنجي ڪمري ۾ ئي هيس تہ دادا چندر جا سڏ ٻڌم.

”ماهتاب، ماهتاب!“

”اچان پئي دادا.“ مان تقريبًا ڊوڙندي ٻاهر آيس.

”تنهنجا مهمان آيا آهن.“ هن مرڪندي، سامهون صوفي تي ويٺل معزز جوڙي ڏي اشارو ڪري چيو.

”اڙي!“ مان ڏانهن نهاري دل ۾ سوچيو: ”هي تہ شير ڪشمير شيخ عبدالله آهي.... ۽ هيءَ....“.

مان ڪجهہ چوان تنهن کان اڳ. شير ڪشمير مشڪندي پنهنجي سڃاڻ ڪرائي.

”اتم ۽ سندري.“

اها سڃاڻ تہ محض ان لاءِ هئي جو مون ڪين اڳ نہ ڏٺو هو باقي هونءَ تہ هو ڪنهن تعارف جا محتاج ئي نہ هئا. سنڌ توڙي هند ۾ اهڙو ڪوئي نـاهي جيڪو شير ڪشمير نہ سهي پر شير ادب، ترقي پسند اديب اي. جي. اُتم ۽ سندس اهليہ مشهور اديبا سندري اُتم چنداڻي کي نہ سڃاڻيندو هجي. ٻئي نہ رڳو تازو رشيا مان گهمي آيا آهن پر اتان جو ادبي انعام بہ مليو اٿن. مان اتم کي نمسڪار ڪري ۽ سندريءَ کي وڏو ڀاڪر پائي مليس.

اي. جي. اُتم ٻڌايو تہ هو مونکي تڏهن کان پڙهندو پيو اچي جڏهن ماڻ ماهتاب منور عباسي جي نالي سان لکندي هيس. ويجهڙائيءَ ۾ تہ ماهي مهراڻ ۾ ڇپيل سدا حيات ڪهاڻيڪار

جو سخت قانون آهي- بمبئي جي وڏيڪ ڪاسموپوليٽن سٽي آهي جتي هر مذهب، رنگ ۽ نسل جا باشندا رهن پر اڪثريت وري به مرهٽن جي ليکبي.

پڪچر ڏان اڇي پلنگ تي ليٽي پيس.

"ڏيئڙي، ڏکجي پئين ڇا؟" دادي هيٺيءَ پير ۾ وڌهي زورن ڏيڻ لاءِ هٿ وڌايا ته مان جهٽ ڪري انهن کي جهلي ورتو ۽ اٿندي چيم:

"گنهگار نه ڪريو دادي- مان ڏکل ڪونه آهيان."

"زورَ ڏنم ته پوءِ ڇا ٿي پيو، منهنجي پياري پٽڙي جو آهين."

"مائرن جي ته پاڻ خدمت ڪجي."

"نون قسمت سان پيڪين آيل آهين."

ايئن چوندي هوءَ شوڪيس مان سهڻو دہلو ڪڍي آئي ۽ ان مان اها ساڳي مٺائي ڪڍي وري به پنهنجي مامتا سان ڀرپور ڪومل هٿن سان کارائڻ لڳي-

"ڏادي لذيذ آهي." چيم.

"تنهن ڏينهن به ته وٺي هيءَ نه، مان خاص تولاءِ سانڍي رکي هئي. ڪنهن کي به نٿي ڏيان- چو ڏيان ڀلا؟ تنهنجي نالي جي جو آهي." هن لاڏ مان چيو-

مون آلڪانءَ جيان هر ڀيري دادي‌ءَ آڏو وات ٿي پٽيو ته هن وري ان ۾ مٺائي ٿي وڌي.

"بس دادي، هاڻي گهڻي کاڌم."

وري به ٿوري جيڪا بچي پئي ته ان کي به دہلي ۾ وجهي منهنجي لاءِ سنڀالي رکيائين.





1- سنگيت آچاريا ماسٽر چندر

2- غزل جي گائيڪي جو بادشاهه، مهيش چندر



ماهتاب محبوب الهاس ننگر جي برلا مندر ۾- فوٽو: موهن ڪلپنا



أتم، ماستر چندر، ماهتاب ۽ سُندري - ماستر چندر جي گهر



ڪُرسين تي: هيروشيو ڪاٽي، أتم، سُندري، موهن ڪلپنا ۽ ماهتاب محبوب

هيٺ: لڇمڻ پارواڻي، جگديش آڏواڻي ۽ اشوڪ ڪشوراڻي- نارائڻ پارتيءَ جي دعوت ۾



ماهتاب محبوب، آڪاشوائي ريڊيو تان انٽرويو ڏيندي- وشنو ڀاٽيا، هري موٽوائي
۽ انٽرويو وٺندڙ: ڊاڪٽر ارجن شاد



مسز جوهر، ماهتاب محبوب، هري موٽواڻي، وشنو ڀاٽيا ۽ ڊاڪٽر شاد



هري ٹلواڻي، رام پنجواڻي، اُتم، سُندري، ماهتاب محبوب، رتنا هڪ سنڌي سڄڻ،
واسديو نرمل ۽ ٻيا



پروفيسر رام پنجواڻي، ماهتاب جي آجيان ڪري رهيو آهي. پاسي ڊاڪٽر ڪي
عالم. پرسواڻي ۽ ڱنو سامتاڻي- سيتا سنڌو ڀون جي دعوت ۾.



أتم، هري تلواڻي، سُندري، ماهتاب ۽ ٻيا



ڪُرسين تي: ماهتاب محبوب، پوپٽي هيرانندڻي، سُندري

پٺيان وينل: أتم، موهن ڪلپنا، ڳنو سامتاڻي ۽ هري موٽواڻي وغيره



رام پنجواڻي، مهيش چندر، موهن ڪلپنا ۽ ماهتاب محبوب



موهن ڪلپنا، ماهتاب محبوب، پوپٽي هيراننداڻي ۽ سُندري

ليڪ جوڙي آنم ۽ سندري منهنجي آڏرياءُ ۾ پنهنجي گهر تي اديبن ۽ اخبار نويسن جي هڪ گڏجاڻي رکي. صبح سان سندر روپ ۽ سندر سڀاءَ واري سندري فون تي خير خيريت ڏني ورتي ۽ شام جو يادگيرو ڪري اچڻ جي تاڪيد به ڪئي.

هن موڪلايو ته ايتري ۾ خوبصورت خوابن، محڪم ارادن واري برک ليکڪا، جنهن جي نالي ڪُٺي سان ئي تصور جي باغيچي ۾ رنگ به رنگي سهڻيون پوپٽيون رقص ڪرڻ لڳن ٿيون، تنهن جو فون آيو. دعا سلام کان پوءِ هن چيو:

”ماهتاب سڀاڻي منهنجو منهنجي گهر ماني جي دعوت اٿئي.“

”چو ٿا تڪليف ڪريو. مان ته هونءَ به اوهان سان ملڻ اچان ها.“

”تڪليف! اهو چوڻ سان توکي تڪليف نٿي ٿئي.“ هن چڱ قربن جو احساس ڏياريو. ان مختصر جملي سان ئي مون سهي ڪري ورتو ته هوءَ ڪيتري نه حساس، گهري ۽ سڪ واري هوندي. پڇيو مانس:

”اڄ دادي سندري واري گڏجاڻيءَ ۾ اچو پيا نه؟“

”ماهتاب، مان نه اچي سگهندس، منهنجي گهر ڪان گهڻو پري آهي،“ هن وراڻيو. ”تون سڀاڻي ريڊيو اسٽيشن اچين پئي نه. منهنجو گهر ان جي ڀرسان اٿئي.“

”مان ضرور ايندس.“

”چڱو ڀلا.“ هن فون رکيو ته ڪجهه دير وري دادا ۽ داديءَ سان رهاڻيون ڪرڻ ويٺس.

حسام الدين راشدي، تاج بلوچ، رباني ۽ رشيد ڀٽي جي قربن ڀرين سان ڪي ياد ڪندي ورک ڪهاڻيڪار سنڌي ادب جي خاتون اول ثميره زرين جي بي وقتي موت تي ڏاڍي ڏک جو اظهار ڪيو. نوجوان شاعر ۽ ڪهاڻيڪار، ڪرشن راهي جنهن جي تازي مجموعي "ڪماچ" تي ڪيس ساهت اڪادمي جو انعام مليو آهي، تنهن ان مجموعي مان "سنڌ ۽ سنڌي" وارو بيت انتهائي پرسوز آواز ۾ ڳائي ٻڌايو جنهن سان ماحول اداس ٿي پيو۔ سندس آواز ۾ لڪيءَ ۾ ايڏو ته درد هيو جو هن سڄي ٿي ٻهچي منهنجو هيانءُ ڇڄي پيو:

"وطن گهوري آيا، هاڻي رت روئن
پنهنجا وري پسڻ لاءِ تنجا نيڻ سڪن
ٻيريون، ڪڙ، ڪجيون، هٿ ڳولهيندي نه ملن
ماڻهو هٿ به ٿين، پر اسان جا ڪي ٻيا هٿا،

---

"اسانجا ڪي ٻيا هٿا، جن سان هئا نينهن
او سيٽرا ٿي انهن جا، رهن راتيان ڏينهن
اکين سندا ميهن، مدد نه ڏسن مهل ڪا."

هيانءُ ۾ وڃ وڃهندڙ راهيءَ جي هيءَ سٽ:
'وطن گهوري آيا هاڻ رت روئين....'

دل ۾ دهرائيندي، ذهن جي ڪئين لڪل ڪنڊ مان ٻوهن ڪلپنا جي ڪوتا ليڪو پاتو جنهن وقتي طور ڏڍ ڏنو:

"ڪنهن ڇيو مان جان لاءِ گهوريو وطن؟
ڪنهن ڇيو مان سنڌ مان آهيان ڀڳو؟
مان ته بس انهاس ۾ موڪل تي آهيان!
هڪ صدي يا اڌ صدي.......
هڪ صدي انهاس ۾، ڄڻ فلم جي ڪا
آ انٽرول-
اوچتو 'سڪ ليو' ڄڻ دفتر مان ورتل-
سون ڏني اتهاس ۾ آ هڪ ٽپي-
پل متي لس ايٽ لڙ لهرون هجن...."

ڪرشن راهي جي شريمتي، مايا راهي نهايت پياري خاتون آهي- جنهن جو ثبوت ڏيندي مختصر ملاقات ۾ به هن مون سان ڏاڍا پيار ڪيا.

شريمتي سشيلا لالواڻي ته قربن سان حد ڪري ڏني- سنڌي زبان ۾ ترقي پسند ڪهاڻيڪار گوبند پنجابي، جنهن جي دلڪش ڪهاڻين جو تازو مجموعو 'هو موٽي آئي' اي. جي. اُتم پاران ڇپجي پڌرو ٿيو آهي- تنهن کي ڏسي ستا سور تي ۾ جاڳيا جو سندس مهاندو ڪنهن حد تائين ان هر دلعزيز ليڊر جهڙو هيو- جو هاڻ اسان ۾ ناهي.

اچوڪي گڏجاڻي ۾ اُتم ۽ 'راهي' جو ڪنهن ادبي ڳالهه تي اختلاف ٿي پيو جنهن ڪري راهي رٺو ٿي ويو پر جلدي ڪيس ٺڏو شربت پياري 'راهه' تي آندو ويو. 'شير ادب' اُتم سان جي بحث ڪرڻو هجي ته مٺي به ماٺ ته مٺي به ماٺ واري چوڻيءَ تي ضرور عمل ڪجي.

هند جي اديبن جي اها وڏي خوبي ڪري ليکبي ته انهن منجهه اسان ڪان وڌيڪ ايڪو آهي- ڪيترن ئي اختلافن

موهن ۽ ڪمل بہ گهڻو زور ڀريو تہ اڄوڪي رات وٽن ئي رهي پئون پر مون چيو:
”دادا چندرڪي انتظار رهندو.“
”مان دادا کي فون ٿو ڪريان— مون وٽ رهڻ لاءِ خوشيءَ سان اجازت ڏيندو.“ موهن چيو.
”دادا تہ هينئر سمهي بہ رهيو هوندو.“ ورائيم.
پر هن ريسور کڻ تي رکي نمبر ڊائل ڪندي چيو:
”هلو! دادا مان موهن ڪلپنا ٿو ڳالهايان، اڄ ساهتاب اسان وٽ رهندي.“
آنم اِها مذاق سهي ڪري ورتي ۽ کيس ڪلندي چيو:
”ايترو جلدي وري بمبئي جي ڪال ڪتان ملندي.“
ريسور رکندي موهن بہ کلي ڏنو.

صبح ڪان گهران نڪتل، مٿان رات بہ اچي پئي— حالت اها وڃي بيٺي جو تڪان هليو ئي نہ پي ٿيو پر پوءِ اسٽيشن وڃڻ جو سعيو ڪيوسين تہ ڪلپنا چيو:
”مان بہ ٿو بمبئي جي اڌ پنڌ تائين گڏجي هلان.“
خوشي ٿي جو وري بہ سندس سات رهيو.
”پنجئي چٽا، الهاس نگر جا رونق ڀريا رستا لتاڙي ٿيءِ ٿيو جهلي اسٽيشن پيڙا مس ٿياسين جو خبر پئي تي گاڏي اڄ لا ليٽ آهي.
پليٽ فارم تي رکيل بينچن تي ويهي گاڏيءَ جي اچڻ جو انتظار ڪرڻ لڳاسين، پر ڳالهين ۾ رڌل رهڻ ڪري اهو اوسيئڙو ڏکيو نہ لڳو.
موهن ڪلپنا وري بہ آنم کي سمجهائيندي چيو:
”اڃان بہ چوان ٿو تہ گهر هليا هلو. گاڏيءَ جي انتظار ۾ ۾ اسر تي ويندو.“



سُندري، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي ۽ سندس ڪِڪي ۽ ڪِڪو



موهن، سُندري ۽ ماهتاب محبوب



سُندري ۽ ماهتاب محبوب، رتي ديري جي ديوان جڙئي مل سان



أتم، هيرو، سندري، ماهتاب ۽ كلپنا



أتم، موهن كلپنا، سُندري ۽ ماهتاب محبوب



چاتل سچاتل چهرا



هري موٽواڻي، ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، ماهتاب محبوب، موهن ڪلپنا ۽ اشوڪ



ڊاڪٽر نارائڻ ڀارتي، لاسي فوٽوگرافر، ماهتاب، سُندري، اُتم ۽ هري موٽوائي



چاتل سچاتل چهرا، برلا مندر ۾



موهن ڪلهنا، ماهتاب محبوب کان آٽوگراف وٺندي



اديبن جي ٽولي، برلا مندر تي پڪنڪ تي







1- ماهتاب محبوب، گنوساماتاڻي، موهن ڪلپنا، رام پنجواڻي ۽ ڊاڪٽر ڪي.
عالم. پرسواڻي

2- ماهتاب محبوب، سيتا سنڌيون ۾ رام پنجواڻيءَ جي دعوت تي.

3- رام پنجواڻي، ماهتاب محبوب جي مان ۾ 'جيءَ جياريو جن' ڳائي رهيو آهي.



ماهتاب محبوب، پاڪر هال ۾، سنڌي اديبن ۽ ٻين سنڌي سڄڻن سان.



پاڪر هال ۾، رام پنجواڻي ۽ ٻين سڄڻن سان.



سُندري، گوبند پنجابي، أتم ۽ ماهتاب محبوب 'ڪنهيري سمائن' ۾



ساڳيا سڄڻ فائيوَ اسٽار هوٽل، سينچوئير جي اندر

انھن مونکي پئسن ڏيڻ جي آڇ ٿي ڪئي ته جيڪو ڪپئي سو وٺ، پئسن جي پرواهه نه ڪر پر انھن جي ايتري چوڻ سان ئي مونکي ڄڻ سڀ ڪجهه ملي ويو.

بمبئي ۾ هر ٻئي گهر جي در تي توڙي ٽئڪسين، بسن ۽ رڪشائن ۾ مون ست يا پنج مرچون ۽ هڪ ليمو ٽنگيل ڏٺو. پڇا ڪرڻ تي خبر پئي ته اهو هڪ سٺو سنوڻ آهي جنهن سان بدنظر وغيره کان بچاءُ ٿئي.

’سائين بابا‘ جي شخصيت کي اتي وڏو مان ۽ مرتبو مليل آهي- هندو توڙي مسلم ان بزرگ کي روحاني رهبر سمجهي پوڄيندا آهن. سائين بابا جون ڪئپ کان ٻاهر تصويرون، گهر گهر کان علاوه فلم جي شروعات، موٽرن، دڪانن کان وٺي لاڪيٽ ۽ ڪي چينز ۾ به نظر اينديون، وشنو ڀاٽيا به اهڙي هڪ چين مونکي تاج بلوچ لاءِ تحفو ڪري ڏني. ترت ئي ان جا سٺا ٻڌا نتيجا نڪتا، بقول تاج بلوچ جي ته ان برڪتن ڀري ڪيچين سندس گهر ۾ وڏي برڪت آندي آهي- جنهن ڪري هو ان کي ساهه سان سانڍيو هلي، هاڻي خبر ڪانه ٿي پئي ته اهو ڪي چين جو ڪرشمو آهي يا هڪ دوست جي تحفي کي هو ايڏو مان ٿو ڏي.

سائين بابا جو فوٽو موهن ڪلپنا جي گهر ۾ به ٽنگيل آهي- هن ٻڌايو ته سنڌ مان آيل ڪي سڄڻ سندس غير موجودگيءَ ۾ ان فوٽي کي ڏسندي سندس گهر واريءَ ڪمل کان پڇيو ته ڇا اهو موهن ڪلپنا آهي؟ هن ليکي ته موهن ايڏو ڪو بزرگ شخص آهي. پر موهن جو چوڻ آهي ته، هو جڏهن اسي سالن جو ٿيندو پوءِ به اڄ جهڙو ئي هوندو.

هندستان ۾ سنڌين جو تعداد لڳ ڀڳ پنجويهه لک آهي- سرڪاري انگن اکرن موجب ورهاڱي بعد اٽڪل ٻارهن لک سنڌي هندستان آيا- هن وقت ڇهه لک سنڌي مهاراشٽرا ۾، پنج لک گجرات ۾، چار لک راجستان ۾ ۽ اٽڪل ڏهه لک اتر پرديش، مڌيه پرديش، دهلي ۽ ڀارت جي ٻين صوبن ۾ رهن ٿا.

هندستان ۾ سنڌي هٿين خالي آيا پر اها انهن جي وڏي خوبي آهي تہ هنن ڪنهن جي اڳيان هٿ نہ ٽنگيو- هو محنت ڪش قوم آهن، همت، لگن ۽ خود داريءَ جو جذبو سندن رت ۾ سمايل آهي. توڙي جو ٽرنيءَ ڪان ڪٽيل آهن پوءِ بہ رکيو ان احساس کي پڪڙي پاڻ کي بي همت ثابت نہ ڪيو اٿن.

هنن کي هند سرڪار ڪنهن رٿا هيٺ ڪن خاص هنڌن يا ڪنهن هڪ صوبي ۾ رهائڻ بدران انگريز فوجين جي خالي ٿيل مليٽري ڪئمپن ۾ رهايو، جتي هو نيم انساني زندگي گهارڻ لڳا- پر پنهنجي فطري قابليت ۽ ذهانت وسيلي ان ويران علائقي کي بہ آباد ڪري جتي ڪٿي ننڍا ڪارخانا ۽ دڪان وجهي پاڻ کي مالي طور مضبوط ڪري ورتو ۽ اڄ هو نہ صرف زندگي جي هر شعبي ۾ ڪم ڪري رهيا آهن پر هندستان جي ڪيترن ئي وڏين صنعتن جا مالڪ بہ آهن.

ڀارت ۾ رنگين ٽي- وي ۽ ويڊيو جو بنياد وجهندڙ بہ سنڌي آهن. سياست، قانون، سائنس، انجنيئرنگ، تعليم، صحت، صحافت، ادب، آرٽ ۽ تعميراتي اڏاوت جي ميدانن ۾ سنڌين وڏو نالو ڪڍيو آهي. ڏيهان ڏيهي ادارن ۾ بہ سنڌي مکيہ عهدن تي ڪم ڪري رهيا آهن- آمريڪا ۽ فرانس جي ائٽمي سگهہ وارن ادارن ۾ بہ سنڌي سائنسدان ڪم ڪن ٿا. ڀارت جي لوڪ سڀا ۾ بہ سنڌي ميمبر چونڊيل آهن- ڀارتي فلمي صنعت ۾ فلمسازي لاءِ سيڙپ پئسو بہ نوي سيڪڙو سنڌين جو آهي.

”دادا اڄ ڪٿي اوهان پنهنجي هار مڃو.“
”مونکي ته اها هنٽر والي ناڊيا ٿي لڳي.“
”پلا شرط لڳايو- جيتري جي به وڻيو.“
آتم خاموشي اختيار ڪري سوچ ۾ پئجي ويو، پر پنهنجي هار جو هنٽر نه ڦٽو ڪياتين. ايتري ۾ فلم جو ولن ’رنجيت‘ سامهون آيو ته آتم وري چوڻ لڳو:
”اهو امجد خان اِٿئي.“
ڪيس ڪهڙي خبر ته هندستاني فلمون جيتريون پاڪستاني ماڻهو ٿا ڏسن اوتريون هندستاني به نه ڏسندا هوندا. ادب جي ميدان ۾ ته ماڻ آتم اڳيان ڪجهه به ناهيان باقي فلمي معلومات جي مڙئي ٿوري گهٽي ”شُد بُد“ رکان سو ان آڌار تي ڪيس چيم:
”دادا اوهين ڪامريڊ ماڻهو، اوهانکي ايڪٽرن جي ڪهڙي ڄاڻ- اهو امجد خان وري ڪٿان آيو.“
”ها برابر، ماهتاب سهي ٿي چئي. اهو رنجيت ٿي آهي.“ سندري دلفريب مرڪ مرڪندي چيو.
”رنجيت به ڪونهي.“ آتم هوڏ مان چيو. هن ڏٺو ته جي امجد خان ناهي ته رنجيت به نٿو ٿي سگهي، آخرڪيس به ته پنهنجي ڳالهه رکڻي هئي. پوءِ مون به سندس ڳالهه رکڻ ڪاڻ چيو:
”برابر، اِهو وچان ٿي ڪو ٽيون ٿو ڏسجي.“
اوچتو اسڪرين تي مشهور ڪيريڪٽر ايڪٽر مدن پوري نظر آيو.
”ان کي ڏٺوَ ته معنيٰ گهر ويٺي ساون جي زيارت ڪيوَ.“ چيم.
”ساون ڪير؟“ سندريءَ چرڪجي پڇيو.
”ساون اسان وٽ هڪ مشهور شاعر جو ’نڪ نيم‘ آهي،

هلڪي، اوجاڳن ۽ ٿڪاوٽ سببان مهانديءَ ٿي متجي ويو، جنهن جو احساس قربن جي گهيري ۾ مونکي ته بنهه ٿي ڪونه ٿيو پر تنهن شام ٽـڙ تڪڙ ۾ تيار ٿيندو ڏسي مسز جوهر همدرديءَ مان چوڻ لڳي:

”ڏنو اٿئي پاڻ کي ڪهڙي ٿي وئي آهين؟“

”ڇا ٿيو اٿم؟“ ايئن چوندي مون ڪٻٽ ۾ لڳل آرسيءَ ڏي نظر ڪئي ته اتي ڪا حيران پريشان مهاراشٽري بيٺي هئي.

”آس ۾ هلي هلي رنگ ته ڪوڏو نه اودو ٿي ويو اٿئي.“

”پر اندر ته هيڪاندو روشن ٿي ويو آهي نه.“

مرڪندي وراڻيم.

”سڀاڻي سارو ڏينهن ريسٽ ڪجانءِ.“

”ريسٽ ته هاڻي سنڌ ۾ ئي وڃي ڪبي.“

”مان چوندي هئي مانءِ نه ته آس ۾ فيس پائوڊر لڳائي ڪانسواءِ نه هلجي.“

”ان سان ڀلا ڇا ٿئي ها؟“

”سج پيچ وڏو فرق پئي ها- سج جي تپش اثر ئي نه ڪندي آهي.“

”واقعي!“

”سچ پچ! منهنجي رنگت جو به ته ان ڪري ئي ڪجهه بچاءُ ٿيو آهي.“ ڪلا، يارڊلي ڪيڪ جو پف چهري تي ڦيريندي چيو.

ايتري ۾ ڊاڪٽر ڪنهيا عالم پرسوائي به اچي ويو ته آتم ۽ سندري به پهچي ويا. موهن ڪلپنا ۽ مهيش چندر ته اڳ ئي تيار ٿي ڊرائينگ روم ۾ اسانجو انتظار پئي ڪيو. اسان مان ڪي ڊاڪٽر صاحب سان ته ڪي مهيش چندر سان ڪارن ۾ چڙهي ميتا سنڌو پون لاءِ روانا ٿياسين.

پنجواڻي صاحب پنهنجي سنڌ جي جهونن دوستن کي ياد ڪندي چيو:

”ياد اٿم اهو زمانو جڏهن سنڌ ڇڏيوسين: منهنجو لاڙڪاڻي جو دوست قاضي فضل الله چئي پيو، ’تون به ٿو وڃين؟‘ هاشم رضا رضوي چوي، ’ادا، تون به ٿو وڃين.‘ مرغلام حسين چوي ’تون به ٿو وڃين!‘ چيو مان، ”توهان ئي صلاح ڏني آهي وڃڻ جي مان مجبور ٿو وڃان، ڪو خوشيءَ سان نه ڪو، ٿو وڃان. توهان ئي نه ڪن ۾ اچي چوندا آهيو، هاڻ وقت ناهي رهڻ جو پلي وڃ ادا.“ ’چئبو ته اسانکي پوءِ ڏاڍو ڏک ٿيندو.‘

مونکي ياد آهي ان مهل چيو هئم:

’ميں ياد بهی آؤں تو مجهے ياد نہ کرنا
آنکهوں ميں کبهی ميرے آنسوں نہ چرانا
بهولے سے کبهی تم ميرے سپنوں ميں نہ آنا
برباد ہوں برباد کو برباد نہ کرنا.‘

اهو ته انهن کي چئي آيس پر جڏهن تو جهڙيون سڪ واريون هٿ اچن، ته چئون ٿا:

’بهلاتا لاکه ہوں، برابر ياد آتے ہيں
الاهی ترک الفت پر وہ کيوں کر ياد آتے ہيں
نہيں آتی انکی ياد تو برسوں نہيں آتی
مگر جب ياد آتے ہيں تو اکثر ياد آتے ہيں۔‘

شال سدائين اسانکي ياد رهو.“

تقرير جي پڄاڻيءَ تي مون مختصر لفظن ۾ سمورن سنڌي محققن، اديبن، ڪلاڪارن، بزرگن ۽ پيرن سان پنهنجي سڪ جو

اهڙي ڏيانس جيڪا اُت نہ مليس اهو ويچار رکي مون هي شعر جوڙيو آهي جو ڏانهس مخاطب آهي:

”سنڌ جو ماهتاب ساڳيو آ،
هي سچو آب تاب ساڳيو آ.
تنهنجي اکڙين ۾ سنڌ جي سرخي،
هي ازل جو شراب ساڳيو آ.
تون سڀاجهو سروپ سنڌين جو
تنهنجو چنگ ۽ رباب ساڳيو آ.
تنهنجي لکڻين ۾ سنڌ جي خوشبو،
اصطلاحي شباب ساڳيو آ.
پنهنجي ٻوليءَ بنا جيئڻ ڪهڙو؟
تنهنجو سڀ ڪي جواب ساڳيو آ.
پرهہ جي روشنيءَ جي ڀرين باک،
ها اهو آفتاب ساڳيو آ.
’شاد‘ ان ماڳ تي اوس ملبو،
تنهنجو منهنجو حساب ساڳيو آ.“

اها ”سوکڙي“ سنگت کي ڏادي پسند آئي. جنهن جا حق ۽ واسطا ان مهل ئي هري موتوانيءَ جي ’ڪونج‘ لاءِ محفوظ ٿي ويا.

پنجواڻي صاحب ان شعر کي، ڏاڍو سهڻو شعر ڪوٺيندي چيو: ”شاد جي اها اسان تي ڏاڍي مهرباني آ جو اسانجي مهمان لاءِ هڪ شعر جوڙي آيو.“

ان بعد موهن ڪلپنا مائيڪ سنڀاليندي چيو: ”پروفيسر رام پنجواڻي، ماهتاب محبوب، ڊاڪٽر شاد، اتم ۽ دوستو، مان ماهتاب سان 18 مئي تي گڏيو هئس- الهاس نگر ۾، مون ۾ هڪ

۽ ڏک جو احساس گڏوگڏ ٿيڻ لڳو، ڏک ناناڻن جھڙن مائٽن کان وڇڙڻ جو ته خوشي ڏاڏاڻن سان ملڻ جي.

ٺيڪ هڪ بجي ڪراچي ائرپورٽ تي پهتس.

ٻاهين مان ارائيول لائونج تائين بس ۾ ويٺس ته پرديان ٿي محبوب ٻارن ۽ تاج ڪي لائونج جي شيشن واري دروازي پويان بيٺل ڏٺم، جيڪي مونکي رسيو ڪرڻ آيا هئا.

ڏينهن ڪراچيءَ ۾ ٽاري، ڪچهريون ڪري شام جو حيدرآباد لاءِ روانا ٿياسين.

کتاب "اندر جلبین آچ" بابت لیکہا ڈانھن
آیل خطن، راین ء تبصرن ہان ورتل چونڈ ٹکرا

نقش قدم تي هلڻ جي ڪوشش ڪري“ ان ڏينهن کان وٺي اوهان کي خط لکڻ جو سوچيم .... مون اوهانجا ٻه ڪتاب پڙهيا آهن. سچ پڇو ته ”اندر جنين آڳ“ انهن مان وڌيڪ پسند آيو، جو هڪ سنڌي عورت ٿي ڪري، اڪيلي ايڏي سفر تي وڃڻ، اتي جي ماڻهن سان لهه وچڙ ۾ اچڻ ڪا گهٽ ڳالهه نه آهي. ڀيڻ ! اوهين ڏاڍي همت وارا آهيو. اسان عورتن جو نالو روشن ڪيو. اوهان جي مصروفيت ۽ مقبوليت جو اندازو ته تصويرن مان لڳائي سگهجي ٿو. واقعي ! ڪيتري نه بلندين تي پهتل آهيو.

اوهانجي ڀيڻ
**نجمه شيخ**
ليڪچرار
گورنمينٽ گرلز ڪاليج ميرپورخاص

۱۱۲— ابن سينا هال
۱۳-۳-۱۹۸۱ع

پياري ڀيڻ ماهتاب،

اوهانجو ڪتاب؛ ” اندر جنين آڳ“ هڪ دوست وٽ ڏٺم پڇيم ته ڪتاب ڪيئن آهي. مٿي هٿ ڪري چيائين، ”زبردست“. پوءِ هڪ رات جو پنهنجي معمول جي پڙهائي ختم ڪرڻ بعد، ڪتاب کڻي ڏٺم.

محترم موهن ڪلپنا جو مهاڳ پڙهي ڪتاب پڙهڻ لڳس. ائين لڳو ڄڻ آءٌ پاڻ ماهتاب سان گڏ ڀمبئي گهمي رهيو آهيان. وقت ۽ پڙهڻ جو ته احساس ئي ڪونه رهيو. ڪنهن وقت جاڳ ڪري ڏسان ته رات جا اڍائي ! ڀيڻ، ”اندر جنين آڳ“ هڪ رواجي سفرنامو نه پر هڪ عظيم شاهڪار آهي. جنهنجي حيثيت

اوهان هي ڪتاب لکي سنڌ سور جاڳائي ڇڏيا، اصل ڇڪندڙ ڦٽن تان لوڻ برڪي ڇڏيو.
شل لطيف گهوٽ سگهه ڏي ته ٻيڙي پار پئون. آخر ۾ آءٌ پاڻ محبوب جي همت، عظمت ۽ اعتماد کي سلام ٿو ڪريان، جنهن اوهان کي اڪيلي پرڏيهه پسڻ لاءِ ڇڏيو.

فقط اوهانجو پاڻ

نورمحمد پنهور

آخري سال ايم. بي. بي. ايس
ايل: ايم. سي جامشورو، سنڌ.

شاه جو ڳوٺ، نئون ديرو
۱۴-۳-۱۹۸۱ع

ادي، اڄ شام ٽيڪ سوائين پنجين وڳين، اوهانجو رپورتاج "اندر جنين اڄ" پڙهي پورو ڪيم:
مڙئي ورق وصال جا پڙهي پڄايم،
ويهي ورجايم، اکر سڀ آڪير جا.
ڇڳا ڏينهن ٿيندا جو هڪ بڪ اسٽال تي نئون سنڌي ڪتاب ڏسي ۽ اوهانجو نانءُ پڙهي، ٻين ڪتابن سان گڏ، اهو ڪتاب به خريد ڪري رکيو هئم ته جڏهن ڪو وقت مليو ته پڙهندس. نيٺ جمعو ٦ مارچ ۱۹۸۱ع جي روزاني "هلال پاڪستان" ۾ اوهانجي ڪتاب بابت، جويي صاحب جو مضمون پڙهيم ته ڪتاب کي پڙهڻ جي سڪ وڌي وئي. ڪتاب ٻين ڪتابن سان گڏ وڳڻ ۾ سانڍي آيو هيس.
نئين ديري پهچي، پهرين وانڊڪائيءَ ۾ پڙهڻ ويٺس. سادي، مگر سوادي ٻوليءَ ۾ لکيل سفرنامو، مونکي به ٻهڪي

كولابا، بمبئي
٢٥-٣-١٩٨١ع

پياري ڀيڻ ماهتاب،
پيار ڀريا سلام ۽ دعائون ڀريا ڀاڪر.

........ هتان تازو هري موٽي آئي آهيان ڪافي گهرائي، تنهنجو "سفرنامو" پڙهيم، ڏاڍي متاثر ٿيس، نه ان ڪري ته "سفرنامو" هو، پر ان ڪري جو تو هڪ هڪ شخص جي هوبهو چٽي ۽ صاف تصوير چٽي آهي، ڪنهن کي ٽونگو هڻو هوءِ ته بہ، ريشمي لفظن ذريعي ان ڪم ۾ ڪامياب ويئي آهين ۽ ڪنهنجو قرب ڏيکاريو هوءِ ته نهايت سادن معصوم ۽ صداقت ڀريا جملا ڪتب آندا اٿئي ۽ انهن جهڙا ئي سادا ۽ ننڍڙا واقعا بيان ڪيا اٿيئي! ڪٿي ڪٿي ازخود "واه" نڪري ٿي ويئي پڙهندي! ڏوکي ڏسندي سنڌ جو نقشو من جي ڪئنواس تي اڀري آيو هو ۽ اڄ ان نقشي کي ياد ڪندي اکيون هرهر ڀرجي ٿيون اچن. نيڻ ڇلڪي پون ته ڇا ڪجي ڀلا؟

قربن ساڻ
پوپٽي هيرا نندائي

ڪونج
٣٠-٣-١٩٨١ع

چوندا آهن ته، "ماڻهو مرندي ته ماڻهو، ڪي مرندي نه هنج پر ڪنهن ڪنهن ماڻهو منجهه، اچي بوءِ بهار جي."
ماهتاب اهڙي ئي شخصيت هئي، جنهن مان، بهار جهڙي بوءِ آئي هئي.
آءٌ سمجهان ٿو جڏهن ماهتاب سفر لاءِ سنڌ مان آڏري وئي هوندي، تڏهن ڪيئن خواب خيال به ڪيئي هوندو ته هوءِ هند

آهي- البت جن ڪردارن مکيه رول نڀاهيو آهي، اهي فلم يعني سفرنامي ۾ مکيه جاءِ والارين ٿا....

هن سفرنامي جي جيڪا سنڌ ۽ هند ۾ آجيان ٿي آهي (هت ته هٿ ڪس ٿي آهي) تنهن ڪتاب جي مقبوليت کي ثابت ڪيو آهي. ڪتاب جو پهريون ڇاپو مهني اندر خلاص ٿي وڃي اهو به هڪ رڪارڊ آهي. ڪتاب تي سنڌ ۾ جيڪي تبصرا ڇپيا آهن، تنهن ٻنهي طرفن جي اديبن جا حوصلا وڌايا آهن، هڪ ٻئي لاءِ قرب ۽ سڪ وڌائي آهي ۽ هڪ ٻئي کي ڏسڻ لاءِ دريون کوليون آهن. اچڻ وڃڻ لاءِ دروازا (گهٽ ۾ گهٽ هنن لاءِ ته کليل آهن. باقي اسان لاءِ الائي ڪڏهن کلندا) به عام جام کلي وڃن ته جيڪر سڪ جا ٻيج اڃا به پختا ٿي وڃن.

هري موٽواڻي

ڪونج- بمبئي

نارائڻ شيام

"اندر جنين آڳ" تي شاعرانو تاثر:

آلا، ڪنهن اڱڻ ڳائي سنسڪي پيري،
پڙاڏي جـون لهرون لڙائـي ويون .
هڙي دور نـائين ڏٺـو هون، مگر،
هئين آڳ ۽ رڳ جـون وسعتون!

٣٠-٣-١٩٨١ع
(ڪنونج)

اجمير
۱-۴-۱۹۸۱ع

پياري ڀيڻ ماهتاب،

— اميد ته مزي ۾ هوندا.

— توهان شايد مونکي نه سڃاڻو. ۽ منهنجو هيءُ پهريون خط آهي توهان ڏانهن.... ان ڪري سڃاڻپ لاءِ بس ايترو ئي ته مان ساهتيہ سان چاهه رکندڙ آهيو ساهتيہ - پريمي آهيان، جنهن ڪي سنڌ لاءِ به اوترو ئي سڪ آهي، جيتري پنهنجي هن ملڪ لاءِ آهي.

— ويجهڙائي ۾ مون توهانجو ”سفر نامو“ پڙهيو هو. بيحد بيحد بيحد وڻيو هئو.

— سنڌ جي ڌيءُ ڪي ان لاءِ جهجهيون جهجهيون جهجهيون واڌايون.

— ٻيو سڀ خير آهي؟

— توهانجي پيار لاءِ سلام....

— مون لائق ڪا خدمت هجي ته لکندا.

هزارن قربن سان؛
ايشور چاندر

آدرش نگر پرياديوي ممبئي
۸-۴-۱۹۸۱ع

پياري ڀيڻ ماهتاب،

.... اوهانجو ڪتاب ”اندر جنين اڄ“ مون ۽ منهنجي گهر واري (جنهن سان تنهنجي ملاقات نه ٿي سگهي) بروقت پڙهي پورو ڪيو. توکي هت سڪ ملي ۽ تو آها نهر بڻائي سنڌ ڌرتي

تي وهائي آهي. ڪن جي اُچ لتي هجي، ۽ گهٽڻ جي پياس ۾ اضافو ٿيو هوندو.

تو اديءَ کي هت جتان به پيار ۽ عزت ملي، سي هڪ سنڌ جي اديبا ماهتاب لاءِ ته هيائي ، پر ان کان به وڌيڪ اها سڪ هئي، اُن ڏرتيءَ لاءِ جنهنجي تون ڄائي آهين.... جنهنجا اسين سڀ ٻار آهيون. اسان جي حالت ڇاهي، ڪير تصور ته ڪري ڏيکاري !

اوهانجو آدو

ڪيرت ٻاٻاڻي

قريشي محل بمبئي

٦-٦-١٩٨١ع

دادا جي دل گهري دختر، ڀوڳڻ ٻچڙي ماهتاب محبوب، سهاڳ سلامت، ورگهر قائم........

تنهنجي لکڻيءَ ۾ لطف آهي، تنهنجي بيان ۾ جادو آهي، تنهنجي سڪ سچي آهي، تنهنجي محبت مصنوعي نه آهي........

اسين تنهنجي جريت، حوصلي، همت، شرافت، صداقت ۽ مروت تي موهياسين. اسين تنهنجي لياقت، خيالن جي نفاست، علحدي عبارت، ٻوليءَ جي سلاست، ملڪي محبت، وطن پرستيءَ، فرشتن جهڙي فلڪ تي فدا ٿياسين.......

تون يارت ۾ آئيڻءَ ڇو؟ پنهنجي سڪ جو ثبوت ڏيڻ يا اسانکي سڪ جي سرڪي پياري هميشه لاءِ سڪائڻ؟ وعدو ڪري وڃڻءَ واپس ورڻ جو ، پرن پاڙي سگهندينءَ؟ تنهنجي اچڻ جو ارڪان نتو ڏسڻ ۾ اچي ، اسانجي اچڻ جو امڪان [illegible] نظر اچي.......

وٽ آهن، پر لفظن جو جنسار تو جهڙو ڪو ڪري، واقعي جو ورنن تو جهڙو ڪير ڪري؟ پير حسام الدين ۽ ابراهيم جوڻي جهڙن جوهرين تنهنجي جواهرن کي پوري پرک ڪئي آهي. اجا توکي ڇا گهرجي؟ واه جو ابراهيم تنهنجي ڪتاب کي ڏکيو توريو آهي ۽ ان جي قيمت ڪئي آهي. ڇا سندس ڇيد آهي، ڇا سندس ڇاڻ آهي ۽ ڇا قدرشناسي آهي!

هزارين دعائون
سڪ سان تنهنجو دادا
رام پنجواڻي

ڀڙودا
١٩ جون ١٩٨٦ع

پياري پيڻ،

اوهان سان روبرو ملڻ جو ته شرف ڪونه مليو ليڪن "اندر جنين آءٌ" پڙهڻ بعد مونکي ائين لڳو ته مون ان معرفت اوهان کي شايد وڌيڪ سمجهيو آهي ۽ پرڙهيو آهي. جن سان اوهانجون ملاقاتون ٿيون ۽ اگر مان به انهن مان هجان ها ته به ايترو شايد اوهان کي نه سمجهان ها جيترو هن ڪتاب پڙهڻ سان. لڳيم تو ته، اوهان بابت پنهنجو ڪو رايو ڏاهي سگهيو آهيان. ڪتاب کي سفرنامو چئي نظرانداز ڪري نٿو سگهجي. سفرنامي ۾ ماڻهو، ڏٺل جاين ـ جڳهين، اتهاسڪ هنڌن، قدرتي نظارن وغيره جو بيان ڪندو. ڪن سان ملندي انهن جو ذڪر ڪندو، ليڪن اوهان جنهن طرح سنڌي ليکڪن ۽ اديبن جو باريڪ بيني ۽ نزاڪت سان سندن ورڻن (بيان) ڪيو آهي، اهو اوهان جي، قابليت، مهارت ۽ ذهانت جو ثبوت ڏئي

جوهو، بمبئي
٥-٧-١٩٨١ع

منهنجي پيٺ ماهتاب،

"اندر جنين آج" تہ منهنجي آج وڌائي ڇڏي آهي۔ هي
ڪتاب اهڙي تہ دل جي سچائيءَ سان ۽ اثردار عبارت ۾ لکيل
آهي، جو ان جو مقام دنيا جي بهترين تصنيفن ۾ شامل ٿي
سگهي ٿو۔ منهنجي تجويز آهي تہ "ڪونج" جي معرفت هڪ
اهڙو ليک ڏجي، جو هن شاهڪار جي انيڪ وصفن تي پوري
روشني وجهجي....

ڪتاب جي ساراه جو ذڪر جيترو گهٽو ڪجي، اوترو
ٿورو خدا ٿو ڪي لکڻ جي ڏات ڏني آهي؛ شل اها هميشہ چمڪندي
رهي ۽ انجو شعاع ديس پرديس تائين پهچي....

تنهنجو ڀاءُ
ارجن شاد

جوهو، بمبئي
٥-٧-١٩٨١ع

منهنجي منڙي ~~منڙي~~، سٺي سٺي پيڙي،

سفرناما مون بہ گهڻئي پڙهيا آهن، پر "اندر جنين آج" ۾
اهڙا بيان ڪيا اٿيئي ۽ اهڙو نقشو چٽيو اٿيئي جو پڙهندڙ سمجهي
پيو تہ مان بہ توسان گڏ آهيان جتي ڪٿي۔ تنهنجي اهڙي لکڻي
آهي جو رات جو ڪيئن بہ ڪري دير سان ٿورو ٿورو ڪري
پڙهندي آهيان (۽ اهو نل جي پرسان تہ جيئن اکين کي چندا
سولا هٽي سگهان)۔

پيارن مان
موهني ديدي
(مسز ارجن شاد)

سندس هڪ نئين تصنيف "ڪيهي ڪتاب" نظر مان گذري اٿم. ڪهڙو نه حسن اتفاق ڇٻبو جو " اندر جنين اُج " ڪتاب جي ٻاري ۾ هن صاحب پنهنجي ڀارت واسي دوست سيٺ ريجهومل کي لکيو، جنهن ۾ هن ساراهه جون سرڪيون پريون آهن ۽ نهايت خوبصورت انداز ۽ لفظن ۾ خط لکيل آهي. ان هفتي ۾ ئي "هندواسيءَ" ۾ تبصرو شايع ٿيو ۽ سيٺ ريجهومل پڙهيو ۽ سندس اصرار تي ڪيس "اندر جنين اُج " پڙهڻ لاءِ وٺي ڏنم. اوهانجي ان سفرنامي، ورهين کان وڇڙيل محترم رئيس ڪريم بخش هڪ عظيم انسان ۽ فنڪار، اديب نواز سڄڻ سان گهڻ ۾ گهڻ قلم جي ذريعي ملايو.

پنهنجي محبوب ميان ۽ ٻارڙن کي سڀ ۽ پيار ڀريا سلام.

دست بدعا

نيازڪيش

ڀيرلرام آزاد

الهاس نگر

ماهتاب ۽

ڇا مان روئان ٿو. يا مان کلان ٿو. يا مان چپ آهيان. سوچيان ٿو، ڪجهه خبر نٿي پوي. ڇاتيءَ جي اندر ڪا ڌرتي ڏڏي - واه! ڇا ڪتاب آهي " اندر جنين اُج" ڪلاسڪ. هيءَ ته آب - حيات آهي. هي ڪتاب سنڌ ۽ هند جي سنڌين جي يادگار محبت آهي. مان ڇڻ ڪرسيءَ ۾ ڊيجي ويو آهيان تون ڇڻ اسان سڀني سنڌين جي ائمبيسيڊر آهين. تو سڀني سان انصاف ڪيو آهي ۽ واديءَ سنڌ جي لازوال تصوف ۽ محبت جو بنياد ڏنو آهي. تنهنجو اهو هڪ ڪتاب توکي دنيا جي

گوري ڳائون نگر، بمبئي

۷ جنوري ۱۹۸۲ع

پياري ڀيڻ،

اڄ جي ڊپال ۾ ”رچنا“ نالي رسالو آيو، ڏنم ته ”اندر جنهن اُڃ“ مان ڪي حصا ڏنل آهن ۽ ان بعد محترم بزرگ محمد ابراهيم جويو صاحب جو تبصرو به شامل آهي. يڪساهي پڙهي ويس ۽ توکي لکڻ لاءِ تيار ٿي ويس.

ڪڏهن حقيقتون مجبور ڪن ٿيون ته اسين ڪجهه ڪاغذ ڪارا ڪريون يا ڪڏهن جذبات جو اهڙو ته هيجان هجي تو جو روڪي نٿو سگهجي. اسين ان کي لفظي جامو پهرايون ٿا. تنهنجو ”اندر جنين اُڃ“ به ان تلاطم، ان هيجان، ان جذبات جو آئينو آهي. جذبات جي درياهه ۾ وهي وئين ۽ انجو نتيجو سنڌي ۾ هڪ شاهڪار جو جنم. تنهنجي زبان به مٺڙي پياري ۽ پنهنجي آهي، جنهن ۾ سنڌيت جو سڳنڌ آهي. اڄ ڪلهه جي مخلوط ۽ ڳاڏڙ ساڏڙ زبان کان علحدي ۽ نياري. ان زبان کي ئي زنده رکڻ سنڌين جو يا اديبن جو فرض آهي. اهڙي زبان غير ناهي، اڻ وڻندڙ غيرمانوس لفظ ڪونهن. ديــر هضم لفظ تنبيل ڪونهن. منجهن رواني آهــي. ان ڪانسواءِ انهن ۾ هڪ حساس دل جي پلٽ آهي.

توکي، تنهنجي رفيق حيات کي سڀ سلام
۽ ٻارڙن لاءِ پيار.

**ڊي. ڪي. مشاراماڻي**

